| رِجَالٌ | اَمْرٍ | فَاصْبِرْ | قُمْ فَاَنْذِرْ | خَيْرٌ ○ | نَذِيْرٌ ○ |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## سبق نمبر (17) مَدّات يا مدون

☜ **مدّ** جي معنيٰ ڊگهو ڪرڻ ۽ ڇڪڻ آهي. مدّ جا ٻہ سبب آهن (1) همزه ـــءـــ (2) سُڪون ـــْـــ . مَدّ جا ڇھ قسم آهن: (1) **مَدِّ مُتّصِل** (2) **مَدِّ مُنفَصِل** (3) **مَدِّ لازم** (4) **مَدِّ لين لازم** (5) **مَدِّ عارض** (6) **مَدِّ لين عارض**

☜ **مَدِّ مُتّصِل:** حُروف مدّه کان پوءِ همزه انهي لفظ ۾ هجي تہ مَدِّ مُتّصِل ٿيندي جيئن جَآءَ

☜ **مَدِّ مُنْفَصِل :** حروف مدّه کان پوءِ همزه ٻئي لفظ ۾ هجي تہ مَدِّ مُنفصِل ٿيندي. جيئن فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ



www.dawateislami.net

☜ **مدِّ متّصل ۽ مدِّ مُنفَصِل** کي ٻه، اڍائي الف يعني چار يا **پنج حرڪات** تائين ڇڪي پڙهو.

☜ **مَدّ لازِم:** حروف مدّه کان پوءِ سڪون اصلي ( ـــْـــ ، ـــّـــ ) هجي ته مَدّ لازم ٿيندي جيئن جَآنٌّ

☜ **مَدّ لين لازِم:** حروف لين کان پوءِ سڪون اصلي ـــْـــ هجي ته مَدّ لِين لازم ٿيندي جيئن عَيۤنْ.

☜ **مَدِّ لازم ۽ مَد لِين لازم** کي ٽي الف، يعني "**ڇهه حرڪات**" تائين ڇڪي پڙهو.

☜ **مَدِّ عارِض :** حروف مَده کان پوءِ عارضي سڪون هجي (يعني وقف جي ڪري ڪو حرف ساڪن ٿي وڃي) ته مَد عارض ٿيندي. جيئن مُسْلِمُوْنَ○

☜ **مَدّ لِين عارِض** : حروف لين کان پوءِ عارضي سڪون هجي (يعني وقف جي ڪري ڪو حرف ساڪن ٿي وڃي) ته مد لين عارض ٿيندي. جيئن شَفَتَيْنْ○

☜ مدّ عارض ۽ مدّ لين عارض کي هڪ، ٻه يا ٽي الف" يعني "ٻه، چار يا ڇهه حرڪات" جي مقدار تائين ڇڪي پڙهو.

☜ مدّن جي هِجي هن طرح ڪريو جيئن جِآئَ = جِيْم يَا زير جِي، هَمْزَه زبر ءَ =جِآئَ

ضَآلًّا = ضَاد اَلِفْ لَآم زبر ضَآلّ لَآم دو زبر لًا= ضَآلًّا

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| جَآءَ | جِآئَ | وَالّٰٓـئِیْ | سِیْٓــٴَتُ | اُولٰٓئِكَ |
| حَدَآئِقَ | قُرُوْٓءٍ | اَوْلِيَآءَ | بِمَآ اُنْزِلَ | قَالُوْٓا اٰمَنَّا |
| يٰٓاَرْضُ | هٰٓـؤُلَآءِ | يٰبَنِىٓ اِسْرَآئِيْلَ | ضَآلًّا | دَآبَّةٍ |
| آٰلْـٰٔنَ | ءٰآلذَّكَرَيْنِ | جَآنٌّ | مُدْهَآمَّتٰنِ | اَتُحَآجُّوْنِّىْ |



www.dawateislami.net

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| كَآفَّةً | اَلْحَآقَّةُ | وَالصّٰٓفّٰتِ | حَآجُّوْكَ | وَحَآجَّهٗ |
| تَحٰٓضُّوْنَ | يُحَآدُّوْنَ | اَنْ يَّتَمَآسَّا | وَلَا الضَّآلِّيْنَ ○ | |
| يٰٓاُولِى الْاَلْبَابِ ○ | يَتَسَآءَلُوْنَ ○ | رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ○ | خَوْفٍ ○ | قُرَيْشٍ ○ |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## سبق نمبر (18) حُرُوفِ مُقَطَّعَات

☜ **حروفِ مُقَطَّعَات** قرآن پاڪ جي ڪجھ سورتن جي شروع ۾ ايندا آهن.

☜ اِنهن حروف کي **مفرد حروف** وانگر الڳ الڳ اهڙي طرح پڙهو جو مدن جو مقدار پورو ادا ٿئي ۽ پڻ **اِخفاء ۽ اِدغام** اچڻ جي صورت ۾ غنّہ بہ ڪريو.

☜ الٓمّٓ ○ اللّٰهُ کي پڙهڻ جا ٻہ طريقا آهن (1) وصل اَلِفْ لَآمْ مِّيْمَ اللّٰهُ (2) وقف اَلِفْ لَآمْ مِّيْمْ ○ اَللّٰهُ

| | | | |
|---|---|---|---|
| صٓ — صَآدْ | قٓ — قَآفْ | نٓ — نُوْنْ | طٰهٰ — طَاهَا |
| يٰسٓ — يَاسِيْنْ | طٰسٓ — طَاسِيْنْ | حٰمٓ — حَامِيْمْ | الٓرٰ — اَلِفْ لَآمْ رَا |
| الٓمّٓ — اَلِفْ لَآمْ مِّيْمْ | الٓمّٓرٰ — اَلِفْ لَآمْ مِّيْمْ رَا | حٰمٓ — حَامِيْمْ | عٓسٓقٓ — عَيْنْ سِيْنْ قَآفْ |
| طٰسٓمّٓ — طَاسِيْنْ مِّيْمْ | الٓمّٓصٓ — اَلِفْ لَآمْ مِّيْمْ صَآدْ | الٓمّٓ ○ اللّٰهُ — اَلِفْ لَآمْ مِّيْمْ ○ اللّٰهُ | كٓهٰيٰعٓصٓ — كَآفْ هَا يَا عَيْنْ صَآدْ |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سبق نمبر (19) زائد الف ”اْ“

☜ قرآن پاڪ ۾ ڪجھ جاين تي **اَلِف** جي مٿان گول دائري جو نشان ”٥“ هوندو آهي اهڙي **اَلِف** کي **زائد اَلِف** چوندا آهن. هن الف کي پڙهڻ يا نه پڙهڻ جي تفصيل هي آهي.

(1) هنن ڇهن ڪلمن ۾ ”زائد الف“ کي وقف (يعني رڪڻ جي صورت) ۾ پڙهنداسين پر وصل (يعني ملائي پڙهڻ جي صورت) ۾ نه پڙهنداسين

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لٰكِنَّاْ<br>پ15، الكهف 38 | اَلظُّنُوْنَاْ<br>پ21، الاحزاب، 10 | اَلرَّسُوْلَاْ<br>پ22، الاحزاب 66 | اَلسَّبِيْلَاْ<br>پ22، الاحزاب 67 | پهريون<br>قَوَارِيْرَاْ<br>پ29، الدهر 15 | اَنَاْ<br>هرجاءِ |

(2)....قرآنِ پاڪ جي هن هڪ ڪلمي سَلٰسِلَاْ (پ 29، سورة الدهر، 4) جي ”زائد الف“ کي وقف ۾ پڙهڻ ۽ نه پڙهڻ ٻئي جائز آهن.

البت وصل (يعني ملائي پڙهڻ جي صورت) ۾ هن زائد الف کي نه پڙهنداسين

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَفَا۟ئِنْ مَّاتَ<br>پ4، اٰلِ عمران 144 | اَفَا۟ئِنْ مِّتَّ<br>پ17، الانبياء 34 | لَا۟ اِلَى اللّٰهِ<br>پ4، اٰلِ عمران 158 | لَا۟ اِلَى الْجَحِيْمِ<br>پ23، الصّٰفّٰت 68 |
| لِشَا۟ىْءٍ<br>پ15، الكهف 38 | مَلَا۟ئِهٖ<br>هرجاءِ | اَنْ تَبُوْٓءَا۟<br>پ6، المآئدة 29 | وَلَا۟ اَوْضَعُوْا<br>پ10، التوبة 47 |
| لَا۟ اَذْبَحَنَّهٗ | لَا۟ اَنْتُمْ<br>پ28، الحشر 13 | مِنْ نَّبَا۟ئِ<br>پ7، الانعام 34 | وَمَلَا۟ئِهِمْ |
| ثَمُوْدَا۟ | لِتَتْلُوَا۟ | لَنْ نَّدْعُوَا۟ | لِيَرْبُوَا۟ فِيْ |



www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| لِيَبْلُوَاْ | وَنَبْلُوَاْ | قَوَارِيْرَاْ |

هنن تمام ڪلمن جي لفظ ”اَنَا“ ۾ زائد الف ناهي تنهنڪري هن الف کي پڙهنداسين.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ<br>پ4، ال عمران ﴿119﴾ | اَنَاسِيَّ<br>پ19، الفرقان ﴿49﴾ | اَنَابُوْٓا<br>پ23، الزمر ﴿17﴾ | لِلْاَنَامِ<br>پ27، الرحمٰن ﴿10﴾ | مَنْ اَنَابَ<br>پ13، الرعد ﴿27﴾ |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## سبق نمبر (20) متفرق قاعدا

☜ **اِظْهَارِ مُطْلَقْ** هنن چئن لفظن ۾ نُوْن ساڪن ڪانپوءِ حروف يرملون هڪ لفظ ۾ اچڻ جي ڪري ادغام نہ بلڪ اظهارِ مطلق ٿيندو، ان ڪري اِنهن چئني لفظن ۾ غنّہ نہ ڪريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| دُنْيَا | بُنْيَانٌ | صِنْوَانٌ | قِنْوَانٌ |

☜ **سَكْتَهْ:** آواز روڪي ساهہ کڻڻ بنا اڳتي پڙهڻ کي **سَڪتَہ** چئبو آهي يعني آواز رُڪجي وڃي ۽ ساهہ جاري هجي. انهن چئن لفظن ۾ **سَڪتَہ** واجب آهي. **سَڪتَہ** جو حڪم هي آهي تہ مُتحرّڪ کي ساڪن ڪيو وڃي ۽ ٻن زبرن کي **اَلِف** سان تبديل ڪري پڙهيو وڃي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| وَقِيْلَ مَنْ ۜ رَاقٍ (سکته)<br>پ29، القيٰمة ﴿27﴾ | كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ (سکته)<br>پ30، المطففين ﴿14﴾ | مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ هٰذَا (سکته)<br>پ23، يٰسٓ ﴿52﴾ | عِوَجًا ۜ قَيِّمًا (سکته)<br>پ15، الكهف ﴿1﴾ |



www.dawateislami.net

☜ **صٓ:** قرآن پاڪ ۾ چار لفظ **صَآد** سان لکيا ويندا آهن ۽ **صَآد** تي باريڪ **سِيُن** بہ لکيل هوندو آهي اُن کي پڙهڻ جو تفصيل هن طرح آهي: (1) ۽ (2) ۾ صرف **س** پڙهو، (3) ۾ **ص** ۽ **س** ٻئي پڙهڻ جائز آهن. (4) ۾ صرف **ص** پڙهو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| يَبْصُطُ | بَصْطَةً | اَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُوْنَ | بِمُصَيْطِرٍ |
| (1) پ 2، البقرة (245) | (2) پ 8، الاعراف (69) | (3) پ 27، الطور (37) | (4) پ 30، الغاشية (22) |

☜ **تَسْهِيْل:** تسهيل جي معنيٰ آهي نرمي ڪرڻ يعني ٻئي همزه کي نرمي سان پڙهو. قرآن پاڪ ۾ صرف **هڪ لفظ** ۾ تسهيل واجب آهي.

☜ **اِمَالَہ:** زبر کي زير جي طرف ۽ **اَلِف** کي **يَا** جي طرف مائل ڪري پڙهڻ کي امالہ چوندا آهن. امالہ جي ر کي اُردو ۽ سنڌي جي لفظ قطرَي جي را وانگر پڙهو يعني رِي نہ بلڪ رَي پڙهو.

☜ **اِمَالَہ** جي هِجي هن طرح ڪيو! مِيْم جِيْم زبر مَجْ ، رَا **اِمَالَہ** واري ري = مَجْرٖ هَا = اَلِف زبر هَا = مَجْرٖهَا

☜ **بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ** هن لفظ ۾ لَآم کان پهريان ۽ لَآم کان پوءِ ٻئي اَلِف نہ پڙهو بلڪ لَآم کي زير ڏئي پڙهو.

| | | |
|---|---|---|
| (تَسْهِيْل) ءَاَعْجَمِيٌّ وَّ عَرَبِيٌّ | (اِمَالَہ) مَجْرٖهَا | بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ |
| پ 24، حٰمٓ السجدہ (44) | پ 12، هود (41) | پ 26، الحجرات (11) |



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سبق نمبر (21) وَقْفٌ

☜ **وَقْفٌ:** وقف جي معنيٰ بيهڻ ۽ رڪڻ آهي. يعني جنهن لفظ تي وقف ڪيو تہ اُن لفظ جي آخري حرف تي آواز ۽ ساهہ ٻنهي کي ختم ڪيو.

☜ لفظ جي آخري حرف تي زبر، زير، پيش، ٻہ زبرون، ٻہ پيش، ڪَڙي زير، اُلٽا پيش هجي تہ اُن حرف کي **وقف** ۾ ساڪن ڪريو.

☜ لفظ جي آخري حرف تي ٻہ زبرون هجن تہ اُن کي وقف جي حالت ۾ الف سان بدلايو.

☜ لفظ جي آخر ۾ **گول تَا "ۃ"** تي ڪَٽي ڪهڙي ٻہ حرڪت هجي يا تنوين، اُن کي وقف جي حالت ۾ ها ساڪن "هْ" سان بدلايو .

☜ ڪَڙا زبر، حروفِ مدّہ ۽ ساڪن حروف وقف جي حالت ۾ تبديل نہ ٿيندا.

☜ **مُشَدَّد** حرف تي وقف جي صورت ۾ تشديد باقي رکو پر حرڪت کي ظاهر ٿيڻ نہ ڏيو.

☜ **نُوْن قُطْنِي:** تنوين کان پوءِ همزه وصلي اچي تہ وصل ۾ همزه وصلي کي ڪيرائيندي تنوين جي نُوْن ساڪن کي زير ڏئي هڪ ننڍو نُوْن لکيو ويندو آهي اُن کي نُوْن قُطني چوندا آهن.

نُوْن قُطني وارن ڪلمن جي هِجي هن طرح ڪيو: ....................................

☜ **عَلَامَاتِ وَقْفٌ:** وقف جي ڪجهہ نشانين جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

☜ **O:** هي وقفِ تام ۽ آيت مڪمل ٿيڻ جي علامت آهي هتي بيهڻ گهرجي.

☜ **م** : هي وقف لازم جي علامت آهي هتي ضرور بيهڻ گهرجي.

☜ **ط:** هي وقف مطلق جي علامت آهي هتي بيهڻ بهتر آهي.



www.dawateislami.net

☜ **ج:** هي وقف جائز جي علامت آهي هتي بيهڻ بهتر ۽ نہ بيهڻ بہ جائز آهي.

☜ **ز:** هي وقف مُجَوَّز جي علامت آهي هتي بيهڻ جائز پر نہ بيهڻ بهتر آهي.

☜ **ص:** هي وقف مُرَخَّص جي علامت آهي هتي ملائي پڙهڻ گهرجي.

☜ **لا:** جيڪڏهن آيت جي مٿان ۝ۙ لڪيل هجي تہ بيهڻ ۽ نہ بيهڻ ۾ اختلاف آهي آيت کان علاوه لا لڪيل هجي تہ نہ بيهو.

☜ **اِعَادَہ:** وقف ڪرڻ کان پوءِ پُنيان ملائي پڙهڻ کي اِعاده چئبو آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| صٰدِقِيْنَ ○<br>صٰدِقِيْنْ ○ | نٰدِمِيْنَ ○<br>نٰدِمِيْنْ ○ | مُسْتَقِيْمَ ○<br>مُسْتَقِيْمْ ○ | فِيْهِ ط<br>فِيْهْ ط | شَفَتَيْنِ ○<br>شَفَتَيْنْ ○ | بِالْحَقِّ ۙ<br>بِالْحَقّْ ۙ |
| نَسْتَعِيْنُ ○<br>نَسْتَعِيْنْ ○ | يَشَآءُ ط<br>يَشَآءْ ط | مِنْ قَبْلُ ج<br>مِنْ قَبْلْ ج | شَهْرٍ ○<br>شَهْرْ ○ | شَيْءٍ ط<br>شَيْءْ ط | قِسْطِ ج<br>قِسْطْ ج |
| لَهْوٌ ط<br>لَهْوْ ط | قَدِيْرٌ ○<br>قَدِيْرْ ○ | بَرْقٌ ج<br>بَرْقْ ج | بِهٖ ج<br>بِهْ ج | عِبَادِهٖ ○<br>عِبَادِهْ ○ | بِاَمْرِهٖ ○<br>بِاَمْرِهْ ○ |
| رَبَّهٗ ○<br>رَبَّهْ ○ | اَخْلَدَهٗ ○<br>اَخْلَدَهْ ○ | مَوَازِيْنُهٗ ○<br>مَوَازِيْنُهْ ○ | اَلْفَافًا ○<br>اَلْفَافَا ○ | عِلْمًا ○<br>عِلْمَا ○ | نَبِيًّا ○<br>نَبِيَّا ○ |
| قُوَّةً ط<br>قُوَّهْ ط | رَقَبَةٍ ○<br>رَقَبَهْ ○ | جَارِيَةٌ ○<br>جَارِيَهْ ○ | وَتَوَلّٰى ○<br>وَتَوَلّٰى ○ | مِنَ الْاُوْلٰى ○<br>مِنَ الْاُوْلٰى ○ | فَتَرْضٰى ○<br>فَتَرْضٰى ○ |
| وَانْحَرْ ○<br>وَانْحَرْ ○ | فَارْغَبْ ○<br>فَارْغَبْ ○ | فَحَدِّثْ ○<br>فَحَدِّثْ ○ | فِيْهَا ط<br>فِيْهَا ط | تَهْتَدُوْا ج<br>تَهْتَدُوْا ج | قَوْلِيْ ○<br>قَوْلِيْ ○ |

| | | |
|---|---|---|
| خَيْرَا ۚ ۨالْوَصِيَّةُ<br>خَيْرَا ۚ اَلْوَصِيَّةُ | شِيْبَا ۗ ۨالسَّمَآءُ<br>شِيْبَا ۗ اَلسَّمَآءُ | مُنِيْبِ ○ ۨادْخُلُوْهَا<br>مُنِيْبْ ○ اُدْخُلُوْهَا |



www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| مُبِيْنِ ۨ اِقْتُلُوا | قَدِيْرُ ۨ الَّذِىْ | خَبِيْرًا ۨ الَّذِىْ |
| مُبِيْنُ ۨ اُقْتُلُوا | قَدِيْرُ ۨ الَّذِىْ | خَبِيْرًا ۨ الَّذِىْ |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سبق نمبر (22) نماز

☜ هن سبق کي **هِجي ۽ روان** ٻنهي طريقن سان پڙهو.

☜ هن سبق ۾ به پنين سيني سبقن جي **قاعدن ۽ حرفن** جي ادائيگي جو خاص خيال رکو. خاص ڪري ملندڙ جلندڙ آواز وارن حرفن ۾ واضح فرق ڪريو.

☜ **ياد رکو!** انهن حرفن ۾ فرق نه ڪرڻ جي ڪري جيڪڏهن معنيٰ فاسد ٿي وئي ته نماز نه ٿيندي.

**تَكْبِيرِ تَحْرِيمه:** اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۝

**ثَنَاء:** سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَ بِحَمْدِكَ وَ تَبَارَكَ اسْمُكَ وَ تَعَالٰى جَدُّكَ وَ لَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ ؕ

**تَعَوُّذ:** اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۝

**تَسْمِيَه:** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝



www.dawateislami.net

## سُوْرَةُ الْفَاتِحَة:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ۙ﴿۱﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ۙ﴿۲﴾

مٰلِكِ یَوْمِ الدِّیْنِ ؕ﴿۳﴾ اِیَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِیَّاكَ نَسْتَعِیْنُ ؕ﴿۴﴾

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِیْمَ ۙ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِیْنَ اَنْعَمْتَ

عَلَیْهِمْ ۙ۬ غَیْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَیْهِمْ وَ لَا الضَّآلِّیْنَ ۠﴿۷﴾

## سُوْرَةُ الْاِخْلَاص:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمْ یَلِدْ ۙ۬ وَ لَمْ

یُوْلَدْ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمْ یَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۠﴿۴﴾

**رُکوع جي تَسْبِيح:** سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْم ط

**تَسْمِيْع:** سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهٗ ط

**تَحْمِيْد:** رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ ط

**تَسْبِيْح سَجْدَه:** سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى ط



www.dawateislami.net

## تَشَهُّد:

اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبٰتُ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيْنَ o اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ﷺ ؕ

## دُرُوْدِ ابراهیم:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰۤى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰۤى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ؕ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰۤى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰۤى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ o

## دُعَاءِ مَاثُوْرَه:

اَللّٰهُمَّ رَبِّ اجْعَلْنِیْ مُقِیْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّیَّتِیْ ۖق رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ o رَبَّنَا اغْفِرْ لِیْ وَلِوَالِدَیَّ وَلِلْمُؤْمِنِیْنَ یَوْمَ یَقُوْمُ الْحِسَابُ o



www.dawateislami.net

سَلَامُ: اَلسَّلَامُ عَلَیْکُمْ وَرَحْمَۃُ اللّٰہِ ط

**دُعَاءِ قُنُوْت:**

اَللّٰھُمَّ اِنَّا نَسْتَعِیْنُکَ وَنَسْتَغْفِرُکَ وَنُؤْمِنُ بِکَ وَنَتَوَکَّلُ عَلَیْکَ وَنُثْنِیْ عَلَیْکَ الْخَیْرَ ط وَنَشْکُرُکَ وَلَا نَکْفُرُکَ وَنَخْلَعُ وَنَتْرُکُ مَنْ یَّفْجُرُکَ ط اَللّٰھُمَّ اِیَّاکَ نَعْبُدُ وَلَکَ نُصَلِّیْ وَنَسْجُدُ وَاِلَیْکَ نَسْعٰی وَنَحْفِدُ وَنَرْجُوْا رَحْمَتَکَ وَنَخْشٰی عَذَابَکَ اِنَّ عَذَابَکَ بِالْکُفَّارِ مُلْحِقٌ ۝

اِنَّ اللّٰہَ وَمَلٰٓئِکَتَہٗ یُصَلُّوْنَ عَلَی النَّبِیِّ ط یٰۤاَیُّھَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَیْہِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا ۝

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ مَّعْدِنِ الْجُوْدِ وَالْکَرَمِ وَاٰلِہٖ وَبَارِکْ وَسَلِّمْ



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# سوال ۽ جواب

**سوال1** : حُرُوفِ **مُفرِدَات** گهڻا آهن؟ **سبق نمبر 1**

**جواب**: حُرُوفِ مُفرِدات 29 آهن.

**سوال2**: حُرُوَفِ **مُسۡتَعلِيَہ** ڪيترا آهن ۽ ڪهڙا آهن؟

**جواب**: حُرُوَفِ مُسۡتَعلِيَہ ست آهن ۽ اهي هي آهن: **خ ، ص ، ض ، ط ، ظ ، غ ، ق**.

**سوال3**: حُرُوَفِ **مُسۡتَعلِيَہ** کي ڪيئن پڙهبو آهي ۽ ان جو **مجموعو** ڇا آهي؟

**جواب**: حُرُوَفِ مُسۡتَعلِيَہ کي هميشہ هر حالت ۾ **پُر يعني موٽو** پڙهيو ويندو آهي ۽ ان جو مجموعو **خُصَّ ضَغْطٍ قِظْ** آهي.

**سوال4**: چپن سان ادا ٿيڻ وارا حروف ڪيترا ۽ ڪهڙا آهن؟

**جواب**: **چپن سان ادا ٿيڻ وارا حروف چار آهن. ب، ف ، م، و**

**سوال5**: **حروف صفيريہ يعني سيٽي وارا حروف ڪيترا ۽ ڪهڙا آهن؟**

**جواب**: **حروف صفيريہ يعني سيٽي وارا حروف ٽي آهن: ز، س، ص**

**سوال6**: **حَرَڪات** ڇا کي چئبو آهي؟ **سبق نمبر 3**

**جواب**: زبر ـــَــ ، زير ـــِــ ، پيش ـــُــ کي حرڪات چئبو آهي.

**سوال7**: **حَرَڪات** کي ڪيئن پڙهبو آهي؟

**جواب**: حرڪات کي بنا ڇڪڻ جي، بنا جهٽڪي جي معروف پڙهيو ويندو.



www.dawateislami.net

**سوال8**: **تَنْوِيْن** ڇا کي چئبو آهي؟ **سبق نمبر 5**

**جواب**: دو زبر ــًـ، دو زير ــٍـ ۽ دو پيش ــٌـ کي تنوين چوندا آهن. تنوين **نون ساڪن** هوندو آهي جيڪو لفظ جي آخر ۾ ايندو آهي، ان ڪري تنوين جو آواز نون ساڪن وانگر هوندو آهي.

**سوال9**: **حُرُوْفِ مَدَّه** ڪيترا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ **سبق نمبر 7**

**جواب**: حروفِ **مدّه** ٽي آهن ۽ اهي هي آهن **اَلِف، وَآو، يَا**.

**سوال10**: اَلِف مده، وَآو مده ۽ يَا مده ڪڏهن ٿيندا؟

**جواب**: اَلِف کان پهريان زبر هجي ته اَلِف مده، وَآو ساڪن کان پهريان پيش هجي ته وَآو مده، يَا ساڪن کان پهريان زِير هجي ته يَا مده ٿيندو.

**سوال11**: **حُرُوفِ مدّه** کي ڪيئن پڙهيو ويندو آهي؟

**جواب**: حروفِ مدّه کي هڪ الف يعني ٻن حرڪتن جي برابر ڇڪي پڙهيو ويندو آهي.

**سوال12**: کڙي حَرَڪات ڇا کي چوندا آهن؟ **سبق نمبر 8**

**جواب**: کڙا زبر ــٰـ، کڙي زير ــٖـ، اُلٽا پيش ــٗـ کي کڙي حرڪات چوندا آهن.

**سوال13**: کڙي حرڪات کي ڪيئن پڙهيو ويندو آهي؟

**جواب**: کڙي حرڪات کي حروفِ مدّه وانگر **هڪ اَلِف** يعني ٻن حرڪتن جيترو ڇڪي پڙهيو ويندو آهي.

**سوال14**: **حُرُوْفِ لِيْن** ڪيترا ۽ ڪهڙا آهن؟ **سبق نمبر 9**

**جواب**: حُرُوْفِ لِيْن ٻه آهن وَآو ۽ يَا.

**سوال15**: **حُرُوْفِ لِيْن** کي ڪهڙي طريقي سان پڙهيو ويندو آهي؟

**جواب**: حُرُوْفِ لِيْن کي بنا ڇڪڻ جي، بنا جهٽڪي جي نرمي سان معروف پڙهيو ويندو آهي.

**سوال16**: **وَآو لين** ۽ **يَا لين** ڪڏهن ٿيندا؟

**جواب**: وَآو ساڪن ڪان پهريان زبر هجي تہ وَآو لين ۽ يا ساڪن ڪان پهريان زبر هجي تہ يَآ لين ٿيندو.

**سوال 17**: **قَلْقَلَہ** جي معنٰي ڇا آهي؟ **سبق نمبر 11**

**جواب**: قَلْقَلَہَ جي معنٰي جنبش ۽ حرڪت آهي يعني اِنهن حرفن جي ادا ڪرڻ وقت مَخرج ۾ جنبش ٿيندي آهي. جنهن جي ڪري آواز موٽ ڪائيندي نڪرندو آهي.

**سوال18**: حروفِ قَلْقَلَہَ ڪيترا آهن، ڪهڙا ڪهڙا آهن ۽ انهن جو مجموعو ڇا آهي؟

**جواب**: حروفِ قَلْقَلَہَ پنج آهن ۽ اهي هي آهن **ق** ، **ط** ، **ب** ، **ج** ، **د** حروفِ قَلْقَلَہ جو مجموعو **قُطُبُ جَدٍّ** آهي.

**سوال19**: حروفِ قَلْقَلَہَ ۾ ڪڏهن قَلْقَلَہ خوب ظاهر ٿيندو؟

**جواب**: جڏهن حروفِ قَلْقَلَہ **ساڪن هجن** تہ انهن ۾ قَلْقَلَہ خوب ظاهر ٿيندو.

**سوال20**: جيڪڏهن قَلْقَلَہ **مُشَدَّد** حروف هجن تہ ان ڪي ڪيئن پڙهبو؟

جواب: جڏهن قَلْقَلَہَ مُشَدَّد حروف هجن تہ انهن ڪي جمائي ادا ڪنداسين.

**سوال21**: همزه ساڪن (أْ، ءْ) کي ڪيئن پڙهيو ويندو؟

**جواب**: همزه ساڪن (أْ ، ءْ) کي هميشہ جهٽڪو ڏئي پڙهيو ويندو.

**سوال22**: نون ساڪن ۽ تنوين جا ڪيترا قاعدا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب**: نون ساڪن ۽ تنوين جا **چار** قاعدا آهن ۽ اهي هي آهن:
**اِظْهَار، اِخْفَاء، اِدْغَام، اِقْلَاب**

**سوال23**: **اِظْهَار** جو قاعدو ٻڌايو؟ **سبق نمبر 12**

**جواب**: نُوْن ساڪن ۽ تنوين ڪان پوءِ حُرُوفِ حلقي مان ڪو حرف اچي تہ اِظهار ٿيندو. يعني نُوْن ساڪن ۽ تنوين ۾ غنّہ نہ ٿيندو.

**سوال24**: **حُرُوفِ حلقي** ڪيترا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب**: حُرُوفِ حلقي (6) ڇهہ آهن ۽ اهي هي آهن: ء ، ه ، ع ، ح ، غ ، خ



www.dawateislami.net

**سوال25**: اِخۡفَاء جو قاعدو ٻڌايو؟

**جواب**: نُـوۡن ساڪن ۽ تنوين کان پوءِ حُرُوفِ اِخۡفَاء مان ڪو حرف اچي تہ اِخۡفَا ٿيندو يعني نُوۡن ساڪن ۽ تنوين ۾ غنّہ ڪري پڙهيو ويندو.

**سوال26**: **حُرُوفِ اِخۡفَاء** ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب**: حُرُوفِ اِخۡفَاء (15) پندرهن آهن ۽ اهي هي آهن: **ت، ث، ج، د، ذ، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ف، ق، ك**

**سوال27**: **تَشۡدِيۡد** ڇا کي چئبو آهي ۽ تَشۡدِيۡد واري حرف کي ڇا چوندا آهن؟

**جواب**: ٽن ڏندن ـــّـ واري شڪل کي تَشۡدِيۡد چئبو آهي جنهن حرف تي تَشۡدِيۡد هجي ان کي مُشَدَّد چوندا آهن.

**سوال28**: نُـوۡن مُشَدَّد ۽ مِيۡم مُشَدَّد ۾ ڇا ٿيندو؟ **سبق نمبر 13**

**جواب**: نُـوۡن مُشَدَّد ۽ مِيۡم مُشَدَّد ۾ هميشہ غنّہ ٿيندو آهي.

**سوال29**: **غنّہ** ڇا کي چئبو آهي ۽ ان جو مقدار ڇا آهي؟

**جواب**: نڪ ۾ آواز کڻي وڃڻ کي غنّہ چئبو آهي، غنّہ جو مقدار هڪ الف جي برابر آهي.

**سوال30**: **مُشَدَّد حرف** کي ڪيئن پڙهيو ويندو؟

**جواب**: مُشَدَّد حرف کي ٻہ دفعا پڙهيو ويندو، هڪ دفعو پاڻ کان پهريان واري مُتَحرڪ حرف سان ملائي ۽ ٻيهر خود پنهنجي حرڪت مطابق ٿورو ٻيهي ڪري.

**سوال31**: **اِدۡغَام** جو قاعدو ٻڌايو؟ **سبق نمبر 14**

**جواب**: نون ساڪن يا تنوين کان پوءِ حُرُوۡفِ يَرۡمَلُوۡن مان ڪو حرف اچي تہ اِدغام ٿيندو. ر ۽ ل ۾ غنّہ نہ ٿيندو، باقي چئن ۾ غنّہ ٿيندو.

**سوال32**: **حُرُوۡفِ يَرۡمَلُوۡن** ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟



www.dawateislami.net

**جواب**: حُرُوفِ يَرْمَلُوْن ڇهه آهن ۽ اُهي هي آهن، ( ی ، ر ، م ، ل ، و ، ن.)

**سوال33**: اِقْلَاب جو قاعدو ٻڌايو؟

**جواب**: نُوْن ساڪن يا تنوين کان پوءِ حرفِ ب اچي ته اِقلاب ٿيندو يعني نُوْن ساڪن ۽ تنوين کي مِيْم سان بدلائي اِخفاء ڪريو يعني غنّہ ڪري پڙهو.

**سوال34**: مِيْم ساڪن جا ڪيترا قاعدا آهن ۽ اُهي ڪهڙا آهن؟ **سبق نمبر 15**

**جواب**: مِيْم ساڪن جا ٽي قاعدا آهن ۽ اُهي هي آهن: **اِدْغَامِ شَفَوِي، اِخْفَاءِ شَفَوِي، اِظْهَارِ شَفَوِي.**

**سوال35**: **اِدْغَامِ شَفَوِي** جو قاعدو ٻڌايو؟

**جواب**: مِيْم ساڪن کان پوءِ ٻيو **م** اچي ته مِيْم ساڪن ۾ اِدغامِ شَفَوِي ٿيندو يعني غنّہ ڪيو ويندو.

**سوال36**: **اِخْفَاءِ شَفَوِي** جو قاعدو ٻڌايو؟

**جواب**: مِيْم ساڪن کان پوءِ ب اچي ته مِيْم ساڪن ۾ اِخفاءِ شفوي ٿيندو يعني غنّہ ڪيو ويندو.

**سوال 37**: **اِظْهَارِ شَفَوِي** جو قاعدو ٻڌايو؟

**جواب**: مِيْم ساڪن کان پوءِ ب ۽ م کان علاوه ڪو ٻہ حرف اچي ته مِيْم ساڪن ۾ اِظهارِ شفوي ٿيندو يعني غنّہ نہ ڪيو ويندو.

**سوال38**: **تَفْخِيْم و تَرْقِيْق** جي معنيٰ ڇا آهي؟ **سبق نمبر 16**

**جواب**: تَفْخِيْم جي معنيٰ حرف کي پُر ( يعني موٽو) پڙهڻ ۽ ترقيق جي معنيٰ حرف کي باريڪ پڙهڻ آهي.

**سوال39**: اِسمِ جلالت **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جي **لام** کي ڪڏهن موٽو پڙهيو ويندو ۽ ڪڏهن باريڪ پڙهيو ويندو؟

**جواب**: اِسم جلالت **اللّٰه** (عَزَّوَجَلَّ) جي لام کان پهرئين حرف تي زبر يا پيش هجي تہ اِسمِ جلالت **اللّٰه** (عَزَّوَجَلَّ) جي لام کي موٽو پڙهيو ويندو ۽ اِسمِ جلالت **اللّٰه** (عَزَّوَجَلَّ) جي لام کان پهرئين حرف جي هيٺيان زير هجي تہ اسمِ جلالت **اللّٰه** (عَزَّوَجَلَّ) جي لام کي باريڪ پڙهيو ويندو.

**سوال40**: **اَلِفّ** کي ڪڏهن موٽو ۽ ڪڏهن باريڪ پڙهيو ويندو؟

**جواب**: الف کان پهريان موٽو حرف اچي تہ الف کي موٽو ۽ باريڪ حرف اچي تہ الف کي باريڪ پڙهيو ويندو.

**سوال41**: **رَا** کي موٽو پڙهڻ جي صورت ٻڌايو؟

**جواب**: (1) را تي زَبر يا پيش هجي (2) را تي ٻہ زبرون يا ٻہ پيش هجن (3) را تي کڙا زبر هجي (4) را ساڪن کان پهرئين حرف تي زَبر يا پيش هجي (5) را ساڪن کان پهريان عارضي زِير هجي (6) را ساڪن کان پهريان زِير ٻئي لفظ ۾ هجي (7) را ساڪن کان پوءِ حروفِ مُستَعليہ مان ڪو حرف انهي لفظ ۾ هجي تہ انهن سيني صورتن ۾ را کي موٽو پڙهيو ويندو.

**سوال42**: **را** کي **باريڪ** پڙهڻ جون صورتون ٻڌايو؟

**جواب**: (1) را جي هيٺيان زِير يا ٻہ زِيرون هجن (2) را ساڪن کان پهريان زِير اصلي انهيءَ لفظ ۾ هجي (3) را ساڪن کان پهريان "يا" ساڪن هجي تہ انهن سيني صورتن ۾ را کي باريڪ پڙهيو ويندو.

**سوال43**: **عارضي زير** ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب**: قرآنِ پاڪ ۾ ڪي **لفظ** الف سان شروع ٿيندا آهن ۽ الف تي ڪا بہ حرڪت نہ هوندي آهي. ان الف تي **جيڪا** بہ **حرڪت لڳائي پڙهبي اها عارضي حرڪت هوندي جيئن اِرۡجِعۡ جي الف جي هيٺيان زير عارضي آهي.**

## سبق نمبر 17

**سوال44**: **مَد** جي ڇا معنٰي آهي هن جا ڪيترا سبب آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟



www.dawateislami.net

**جواب**: مَد جي معنٰي ڊگهو ڪرڻ ۽ ڇڪڻ آهي مد جا ٻه سبب آهن (1) **هَمۡزَهۡ** (2) **سُڪُوۡن**

**سوال45**: مَد جا ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن؟

**جواب**: مَد جا ڇهه قسم آهن ۽ اُهي هي آهن: (1) **مَدِّ مُتَّصِل** (2) **مَدِّ مُنۡفَصِل** (3) **مَدّلازم** (4) **مَدّلِين لازم** (5) **مَدّ عارِض** (6) **مدّلِين عارِض**

**سوال46**: **مَدّ مُتَّصِل** ڪڏهن ٿيندي؟

**جواب**: حُرُوفِ مَدَّه ڪان پوءِ همزه انهي **لفظ** ۾ هوندو تہ مَدّ مُتَّصِل ٿيندي.

**سوال 47**: **مَدّ مُنۡفَصِل** ڪڏهن ٿيندي؟

**جواب**: حروفِ مدّه ڪان پوءِ همزه ٻئي **لفظ** ۾ هجي تہ مَدّ **مُنۡفَصِل** ٿيندي.

**سوال48**: **مَدّ مُتَّصِل** ۽ **مَدّ مُنۡفَصِل** کي ڪيترو ڇڪيَ پڙهيو ويندو؟

**جواب**: **مَدّ** مُتَّصِل ۽ **مَدّ مُنۡفَصِل** کي ٻه، اڍائي الف يعني چار يا پنج حرڪات جي مقدار جيترو ڇڪي پڙهيو ويندو.

**سوال49**: **مَدّ لَازِم** ڪڏهن ٿيندي؟

**جواب**: حروفِ مدّه ڪان پوءِ سڪونِ اصلي (ـــۡـــ ،ـــّـــ) هجي تہ مد لازم ٿيندي .

**سوال50**: **مَدّ لِيّن لَازِم** ڪڏهن ٿيندي ؟

**جواب**: حروفِ لين ڪان پوءِ سڪونِ اصلي (ـــۡـــ) هجي تہ مد لين لازم ٿيندي.

**سوال51**: **مدّ لازم** ۽ **مدّ لين لازم** کي ڪيترو ڇڪي پڙهڻ گهرجي؟

**جواب**: مد لازم ۽ مد لين لازم کي ٽي الف، يعني ڇهه حرڪات جيترو ڇڪي پڙهڻ گهرجي.

**سوال52**: **مَدّ عَارِض** ڪڏهن ٿيندي؟

**جواب**: حروفِ مدّه ڪان پوءِ عارضي سُڪون هجي يعني وقف جي ڪري ڪو حرف ساڪن ٿي وڃي تہ مدّ عارض ٿيندي.

**سوال53**: **مَدّلِيّن عَارِض** ڪڏهن ٿيندي؟

**جواب**: حروفِ لين ڪان پوءِ عارضي سڪون هجي يعني وقف جي ڪري ڪو حرف ساڪن ٿئي تہ مدّ لين عارِض ٿيندي.



www.dawateislami.net

**سوال54**: **مدّ عارِض ۽ مدّ لين عارِض** کي ڪيترو ڇڪي پڙهڻ گهرجي؟

**جواب**: مد عارض ۽ مد لين عارض کي هڪ، ٻه يا ٽي الف يعني ٻه، چار يا ڇهه حرڪات جي مقدار جيترو ڇڪي پڙهڻ گهرجي.

**سوال55**: **زَائِد اَلِفُ** ڇا کي چئبو آهي ۽ ڇا اُن کي پڙهبو آهي؟ **سبق نمبر 19**

**جواب**: قرآنِ پاڪ ۾ ڪجهه جڳهن تي الف جي مٿان گول دائري ”O“ جو نشان هوندو آهي اهڙي الف کي زائد الف چوندا آهن ۽ اهو الف ناهي پڙهبو.

## سبق نمبر 20

**سوال56**: **دُنْيَا، بُنْيَانٌ، صِنْوَانٌ ۽ قِنْوانٌ** جي نون ساڪن ۾ ڪهڙو قاعدو آهي؟

**جواب**: انهن چئن لفظن ۾ نون ساڪن ڪان پوءِ حروف يرملون هڪ لفظ ۾اچڻ جي ڪري اِدغام نه بلڪ **اِظْهَارِ مُطْلَقْ** ٿيندو ان ڪري انهن لفظن ۾ غنّہ نه ٿيندو.

**سوال 57**: **سَڪْتَہ** ڇا کي چئبو آهي؟

**جواب**: آواز روڪي ڪري ساهه ڪٽڻ بنا اڳتي پڙهڻ کي **سَڪْتَہ** چوندا آهن، يعني آواز رڪجي وڃي ۽ ساهه جاري رهي.

**سوال58**: **تَسْهِيْل** جي ڇا معنٰي آهي؟

**جواب**: تَسْهِيْل جي معنٰي نرمي ڪرڻ آهي يعني ٻئي همزه کي نرمي سان پڙهڻ.

**سوال59**: **اِمَالَہ** ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب**: زبر کي زير ۽ الف کي يا جي طرف مائل ڪري پڙهڻ کي اِمَالَہ چوندا آهن.

**سوال60**: اِمَالَہ جي را کي ڪيئن پڙهيو ويندو؟

**جواب**: اِمَالَہ جي را کي اردو ۽ سنڌي جي لفظ قطرَي جي را وانگر پڙهبو يعني رِي نه بلڪ رَي پڙهيو ويندو.

**سوال61**: **وَقْف** جي ڇا معنٰي آهي؟ **سبق نمبر 21**

**جواب**: وَقْف جي معنٰي بيهڻ ۽ رڪڻ آهي.

**سوال62**: وَقْف جي حالت ۾ لفظ جي آخري حرف تي زبر، زير، پيش، ٻه



www.dawateislami.net

زيرون يا ٻہ پيش هجن تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: وَقف جي حالت ۾ لفظ جي آخري حرف تي زبر، زير، پيش، ٻہ زيرون يا ٻہ پيش هجن تہ اُن حرف کي ساڪن ڪيو ويندو.

**سوال63**: **وَقف** جي حالت ۾ لفظ جي آخري حرف تي ٻہ زبر جي تنوين هجي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: وَقف جي حالت ۾ لفظ جي آخري حرف تي ٻہ زبر جي تنوين هجي تہ اُن کي الف سان بدلايو ويندو.

**سوال64**: وقف جي حالت ۾ **گول تا "ة"** هجي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: **گول تا "ة"** تي ڪا بہ حرڪت هجي اُن کي وقف جي حالت ۾ ها ساڪن **"ھ"** سان بدلايو ويندو.

**سوال65**: **نُوْن قُطْنِي** ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب**: تنوين کانپوءِ همزه وصلي اچي تہ وصل ۾ همزه وصلي کي ڪيرائي تنوين جي نون ساڪن کي زير ڏئي هڪ ننڍو نون لکيو ويندو آهي اُن کي نُوْن قُطْنِي چوندا آهن.

**سوال66**: **گول دائرو "o "** وقف جي ڪهڙي علامت آهي ۽ هن تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: هي وقف تام ۽ آيت مڪمل ٿيڻ جي علامت آهي هن تي بيهڻ گهرجي.

**سوال67**: **م** وقف جي ڪهڙي علامت آهي ۽ هن تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: هي وقف لازم جي علامت آهي هتي ضرور بيهڻ گهرجي.

**سوال68**: **ط** وقف جي ڪهڙي علامت آهي ۽ هن تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: هي وقف مطلق جي علامت آهي هتي بيهڻ بهتر آهي.

**سوال69**: **ج** وقف جي ڪهڙي علامت آهي ۽ هن تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: هي وقف جائز جي علامت آهي هتي بيهڻ بهتر ۽ نہ بيهڻ بہ جائز آهي.

**سوال70**: **ز** وقف جي ڪهڙي علامت آهي ۽ هن تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟



www.dawateislami.net

**جواب**: هي وقف مُجَوَّز جي علامت آهي هتي بيهڻ جائز مگر نہ بيهڻ بهتر آهي.

**سوال71**: **ص** وقف جي ڪهڙي علامت آهي ۽ هن تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: هي وقفِ مُرَخَّص جي علامت آهي هتي ملائي پڙهڻ گهرجي.

**سوال72**: **لا** بابت وقف جي وضاحت فرمايو؟

**جواب**: جيڪڏهن آيت جي مٿان لا ۝ لکيل هجي تہ بيهڻ ۽ نہ بيهڻ ۾ اختلاف آهي آيت کان علاوه ”لا“ لکيل هجي تہ نہ بيهو.

**سوال73**: اِعَادَه ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب**: وقف ڪرڻ کان پوءِ پنيان کان ملائي پڙهڻ کي اعاده چوندا آهن.

**سوال74**: سُنّتن جو پابند ۽ نيڪ بڻجڻ جي لاءِ ڪهڙو وظيفو پڙهڻ گهرجي؟

**جواب**: سُنّتن جو پابند ۽ نيڪ بڻجڻ جي لاءِ اٿندي ويهندي (يَاخَبِيْرُ) پڙهڻ گهرجي.

**سوال75**: **علم جا پنج درجا ڪهڙا آهن؟**

**جواب**: علم جا پنج درجا هي آهن: (1) خاموش رهڻ (2) ڌيان سان ٻڌڻ (3) جيڪي ٻڌو اُن کي ياد رکڻ (4) جيڪو سکيو اُن تي عمل ڪرڻ (5) جيڪو علم حاصل ٿيو ان کي ٻين تائين پهچائڻ.

**سوال76**: **حافظي** جي مضبوطي جو وظيفو ٻڌايو؟

**جواب**: **يَاعَلِيْمُ** 21 دفعا (اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻي تي دم ڪري 40 ڏينهن نيراني پيئو (يا پيئاريو) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (پيئڻ واري جو حافظو مضبوط ٿيندو)

**سوال77**: سبق ياد ڪرڻ کان پهريان ڪهڙي دعا پڙهڻ گهرجي؟

**جواب**: سبق ياد ڪرڻ کان پهريان اول آخر دُرود شريف پڙهي هي دعا اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام پڙهڻ گهرجي.

**سوال78**: وُضو ۾ ڪيترا فرض آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟



www.dawateislami.net

**جواب**: وُضو ۾ **چار** فرض آهن ۽ اُهي هي آهن: (1) سڄو منهن ڌوئڻ (2) نونين سميت ٻئي ٻانهون ڌوئڻ (3) مٿي جي چوٿين حصي جو مسح ڪرڻ (4) پيڏين سميت ٻئي پير ڌوئڻ.

**سوال79**: **غُسَل** ۾ گهڻا فرض آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب**: **غُسَل** جا **ٽي** فرض آهن ۽ اُهي هي آهن (1) ڳُرڙي ڪرڻ (2) نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ (3) سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ.

**سوال80**: **تَيَمُّم** ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا فرض آهن؟

**جواب**: تَيَمُّم جا ٽي فرض آهن ۽ اُهي هي آهن: (1) نيّت (2) سڄي منهن تي هٿ گهمائڻ (3) نونين سميت ٻنهي ٻانهن جو مسح ڪرڻ.

**سوال81**: **نَماز** ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا شرط آهن؟

**جواب**: نماز جا ڇهه شرط آهن ۽ اُهي هي آهن: (1) طهارت (2) سِتُرِ عورت (3) اِستِقبالِ قِبلہ (4) وقت (5) نِيّت (6) تَڪبِيرِ تَحرِيمہ

**سوال82**: نماز ۾ ڪيترا فرض آهن ۽ ڪهڙا آهن؟

**جواب**: نماز ۾ **ست** فرض آهن اهي هي آهن:

تڪبيرِ تحريمہ (2) قيام (3) قِراءت (4) رُڪوع (5) سُجُود (6) قَعده اخيره (7) خُروج بِصُنعِه



www.dawateislami.net

# اللہ عَزَّوَجَلَّ ! مجھے حافظِ قرآں بنادے

از: شیخ طریقت امیر اہلسنّت بانیٔ دعوت اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الیاس عطار قادری (دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ)

اللہ (عَزَّوَجَلَّ) مجھے حافظ قرآن بنادے
قرآن کے احکام پہ بھی مجھ کو چلا دے

ہوجائے سبق یاد مجھے جلد الٰہی (عَزَّوَجَلَّ)!
یا رب (عَزَّوَجَلَّ)! تو میرا حافظہ مضبوط بنا دے

سُستی ہو میری دور اٹھوں جلد سویرے
تو مدرسے میں دل میرا اللہ (عَزَّوَجَلَّ) لگادے

ہو مدرسے کا مجھ سے نہ نقصان کبھی بھی
اللہ (عَزَّوَجَلَّ) یہاں کے مجھے آداب سکھا دے

چھٹی نہ کروں بھول کے بھی مدرسے کی میں
اوقات کا بھی مجھ کو تُو پابند بنادے

استاد ہوں موجود یا باہر کہیں مصروف
عادت تو میری شور مچانے کی مٹادے

خصلت ہو شرارت کی میری دور الٰہی (عَزَّوَجَلَّ)!
سنجیدہ بنادے مجھے سنجیدہ بنا دے

استاد کی کرتا رہوں ہر دم میں اطاعت
ماں باپ کی عزت کی بھی توفیق خدا (عَزَّوَجَلَّ) دے

کپڑے میں رکھوں صاف تو دل کو میرے کر صاف
آقا (صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم) کا مدینہ میرے سینے کو بنادے

فلموں سے ڈراموں سے دے نفرت تو الٰہی (عَزَّوَجَلَّ)
بس شوق ہمیں نعت و تلاوت کا خدا (عَزَّوَجَلَّ) دے

میں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نمازیں
اللہ (عَزَّوَجَلَّ) عبادت میں میرے دل کو لگادے

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سدا میں
اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رَضا دے

سنت کے مطابق میں ہر ایک کام کروں کاش
یا رب (عَزَّوَجَلَّ) مجھے سنت کا مبلغ بھی بنادے

میں جھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نکالوں
اللہ (عَزَّوَجَلَّ) مرض سے تُو گناہوں کے شِفا دے

میں فالتو باتوں سے رہوں دور ہمیشہ
چپ رہنے کا اللہ (عَزَّوَجَلَّ) سلیقہ تو سکھا دے

اخلاق ہوں اچھے میرا کردار ہو اچھا
محبوب (صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم) کا صدقہ تو مجھے نیک بنادے

استاد ہوں ماں باپ ہوں عطار بھی ہوں ساتھ
یوں حج کو چلیں اور مدینہ بھی دکھا دے

(امین بجاہ النبی الامین (صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم))



www.dawateislami.net

# مخارج حروف جو نقشو






www.dawateislami.net

